SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر XXXV مجريہ 1984
# SINDH ORDINANCE NO.XXXV OF 1984
# سنڌ معياري ماپ ۽ پيمائش نفاذ (ترميم) آرڊيننس، 1984
# THE SINDH STANDARD WEIGHTS AND MEASURES ENFORCEMENT (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. سنڌ ايڪٽ XX مجريہ 1975 جي دفعہ 25 ۾ ترميم.
Amendment of Section 25 of Sindh Act XX of 1975

# سنڌ آرڊيننس نمبر XXXV مجريہ 1984
# SINDH ORDINANCE NO.XXXV OF 1984
## سنڌ معياري ماپ ۽ پيمائش نفاذ (ترميم) آرڊيننس، 1984
## THE SINDH STANDARD WEIGHTS AND MEASURES ENFORCEMENT (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

[24 آڪٽوبر 1984]

آرڊيننس جنهن سان سنڌ معياري ماپ ۽ پيمائش نفاذ ايڪٽ 1975 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ ماپ ۽ پيمائش نفاذ ايڪٽ، 1975 ۾ ترميم ڪرڻ مقصود آهي.

جيئن تہ وفاقي شرعي عدالت سنڌ ماپ ۽ پيمائش نفاذ ايڪٽ، 1975 ۾ ڪجهہ ترميمون ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي.

تنهنڪري هاڻي 5 جولائي 1977 جي اعلان ۽ عبوري آئين 1981 جي حڪم جي تڪميل ۾ سنڌ جو گورنر خوشيءَ سان هن آرڊيننس کي ڏاهي نافذ فرمائي ٿو.

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. هن آرڊيننس کي سنڌ ماپ ۽ پيمائش نفاذ (ترميم) آرڊيننس، 1984 سڏيو ويندو.

(2) هيءُ في الفور نافذ ٿيندو.

سنڌ ايڪٽ XX مجريہ 1975 جي دفعہ 25 ۾ ترميم.
Amendment of Section 25 of Sindh Act XX of 1975

2. سنڌ ماپ ۽ پيمائش نفاذ ايڪٽ 1975 جي دفعہ 25 ۾ آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان ڪانپوءِ هيٺين شرطيہ بيان جو اضافو ڪيو ويندو.

”جيستائين متاثر ٿيل شخص کي ٻڌڻ جو موقعو نہ ڏنو ويندو تيستائين ڪا بہ نظرثاني جو حڪم جاري نہ ڪيو ويندو.“

نوٽ:۔ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.